احسن الوسائل
فی
تحقیق المسائل

از

افادات

اعلیٰ حضرت فضائل مآب جناب شاہ آغا صاحب

سرہندی مجددی
دام برکاتہ

احسن الوسائل

فی

تحقیق المسائل

از

افادات

اعلیٰ حضرت فضائل مآب جناب شاہ آغا صاحب

سرہندی مجددی دامت برکاتہ

درگاہ شریف ٹنڈو سائیں داد۔
پوسٹ ٹنڈو محمد خاں ضلع حیدرآباد۔ سندھ

(ایجوکیشنل پریس پاکستان چوک کراچی)

سائز ٢٠ + ٢٦

سال طباعت ١٣٩١ھ سنہ ١٩٧١ع

تعداد ١٠٠٠

دفعو پھريون

ملڻ جو هنڌ

١ عبدالواحد بڪ ڊيو جهونا مارڪيٽ ڪراچي ٢

٢ عباسي ڪتب خانه جهونا مارڪيٽ ڪراچي ٢

٣ مڪان نمبر (١٦٣) گارڊن ويسٽ ڪراچي ٣

٤ ادارهٔ مجدديه ٥/٢/٢٠ ٨١١٠ ناظم آباد ڪراچي ١٨

٥ مڪتبه اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي ٢

فهرست مضامين

صفحہ

اثبات مراقبات واذكار مشائخ طريقت	٥
تحقيق مسئله بدعت	٧
مسئلہ استمداد از اہل قبور	١٠
توضيح معنى حقيقى و مجازي	١١
مسئله كسب حلال	١٢
مسئله باغ فدك	١٤
آخر ظهر جو مسئلو	٢٠
مسئله حدود شرعيه	٢٤
اسلام ۾ پاڪائي ۽ صفائي جو مكمل انتظام	٢٧
مسئلہ شكار جو، جاندارن تي رحم كرڻ	٣٠
حكايات الصالحين	٣٥
نماز ۾ حضور قلب جو بيان	٣٦
گوشت جي بندش جو مسئلو	٣٦
سعادت نشان غوث محمد خان ڏانهن نصيحت جو خط	٣٨
ڪي معنیٰ خيز خوش طبعي جون حكايتون	٣٩
رؤيت بصري	٤١
ڪن سوالن جا جواب	٤٢
مسئله توحيد وجودي و شهودي	٤٦
چنڊ تي پهچڻ جو سوال	٥٣

پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى اما بعد هي رسالو شريف نافعه احباب اعلىٰ جناب فضائل ماب حضرت صاحب خواجه عبد الله جان المعروف بشاه آغا صاحب سجاده نشين درگاه شريف ٽنڊو سائينداد دام بركاته، وزين الطائفه جي تصنيفات مان لب لباب عطر گلاب جي حيثيت رکي ٿو. حضرت صاحب مد ظله العالي ڪن مسئلن معركة الآراءِ کي عقلي ۽ نقلي دلائل جي روشنائي سان ايتري قدر آسان بيان فرمايو اٿن جو منصف مزاج ۽ عقل سليم واري لاءِ ڪافي ۽ شافي آهي

بحمده تعالىٰ خاڪپائي غلام حلقه بگوش راقم الحروف نور احمد عفا عنه الصمد کي هن رسالي جي شايع ڪرڻ جي خدمت جي شرف کان مشرف فرمايو اٿن

اگر بر رويد از تن صد زبانم — ادائے شکر لطفش کے توانم

ان شاء الله تعالىٰ هن رساله جي ڇپائڻ کان بعد "مخزن العلوم" جا ڪي حصا، علم حديث، علم فقه، علم تصوف وسلوڪ، علم طب ۽ علم تعويذات جلد ڇپرائي ناظرين ڪرام اڳيان پيش ڪيا ويندا

الراقم نور احمد عفي عنه

۱۰ ربيع الاول سنه ۱۳۹۱ھ مطابق ۶ مئي سنه ۱۹۷۱ع

اثبات مراقبا و اذڪار مشائخ طريقت

لاڙڪاڻي ۾ هو اسين هڪڙي ڏينهن ماستر عالي خان ابڙو ملڻ لاءِ آيو. رواجي گفتگو کان بعد چيائين "مونکي اجازت ڏيو ته اوهان کان ڪي مسئلا پڇندس پر تحقيقات خاطر نه بحث خاطر" (ماستر صاحب اگرچ باقاعده عربي پڙهيل مولوي ڪونه هو مگر اردو، سنڌي ڪتابن جي مطالعه سان هنکي چڱي معلومات حاصل ٿيل هئي ۽ ڪن ڪتابن جو مصنف به هيو) مون چيو ماستر صاحب بلي بلڪل ۽ آزادانه علمي بحث ڪريو آئون خوشي سان جواب ڏيندس ۽ بحث ڪندس.

چيائين هي جو اصحاب طريقت جا صوفياء ڪرام پيري مريدي ڪن ٿا ۽ باقاعده مراقبا ڪرائين ٿا اهو رواج ته رسول الله صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جي وقت ۾ ڪونه هو نه اصحابن سڳورن اهي نمونا ڪيا آهن تنهن ڪري اهو ڪم بدعت جا آهن. مون چيو، ماستر صاحب! اوهين ڪيئن ٿا چئو ته هي ڪم اصحابن سڳورن جي وقت ۾ ڪونه هوا پوئين زماني ۾ ماڻهن ايجاد ۽ اختراع ڪيا آهن اهيا ته اوهانجي سلاسل طريقت کان بيخبري آهي. چاري ئي سلاسل طريقت - قادريه، چشتيه نقشبنديه ۽ سهروردیه جو سلسلو اصحابن کي پهچي ٿو مگر هن وقت ٽين طريقن جو شجره مونکي ياد نه آهي باقي پهنجي طريقه نقشبنديه جو سلسلو سڄو مونکي ياد آهي، اوهين مَسُّ قلم کڻو ته آئون اوهانکي پهنجي پير و مرشد کان وٺي حضرت امام رباني تائين ۽ حضرت امام رباني کان وٺي حضرت ابابکر صديق ۽ سلمان فارسي تائين نام بنام مسلسل ٻڌايان ٿو ۽ هر هڪ اولياجي حالات زندگي، سنه وفات ۽ مزار شريف بہ ٻڌائي سگهان ٿو. جئين محدثن وٽ حديث جي راوين جي حالات قلم بند ٿيل معلوم ۽ موجود آهي

اهڙيطرح مشائخ طريقت جو سلسلو محفوظ آهي بلڪ محدثن جي سند جي حالات ۽ ٣ صدي کان بعد صفحه هستي تان محو ٿي ويئي آهي مگر مشائخ طريقت جو سلسلو اڄان باقي آهي هر هڪ راوي جي تاريخ مقبره ۽ سند ن فضل وڪمال ڪشف ۽ ڪرامتون سڀ وانگي دنيا ۾ مشهور ومعروف آهن. آهو سوال اوهانجو ته اصحابن تائين سند پهتل نه آهي ختم ٿي ويو.

علاوه برآن - آئون پڇان ٿو! اوهانجو عقل تسليم ڪري ٿو ته اصحابن سڳورن ذڪر اذڪار ڪونه ڪندا اهوا حالانڪ ذڪر جي فرضيت ۽ اهميّت ۽ فضيلت قرآن شريف ۾ جابجا مذڪور آهي ڪما قال سبحانه وتعالى واذكروا الله كثيرا لعلكم تفلحون ٥ وقال تعالى والذاكرين الله كثيرا والذاكرات اعد الله لهم مغفرة واجرا عظيما ٥ بيا فرائض اسلام جا، نماز، روزو، هجرت ۽ جهاد دل وجان سان بجاء آندائون ٿي ۽ احكام الهي جي تعميل كماحقّه ڪيائون ٿي باقي هن حڪم الهي جي تعميل ڪانه ڪيائون - حاشا وكلا.

خصوصًا حضرت ابوبكر صديق جي فيوض وڪمالات باطني جو ثبوت ته حديثن ۾ آيل آهي. هڪڙي حديث شريف ۾ آهي مَا فَضَّلَ عَلَيْكُمْ اَبُوْبَكْرٍ بِكَثْرَةِ صَوْمٍ وَصَلوٰةٍ وَلٰكِنْ بِشَيْءٍ وُقِرَ فِيْ صَدْرِهٖ - حضرت ابوبكر اوهان تي گهڻن روزن ۽ نمازن جي ڪري فضيلت ياب نه ٿيو آهي بلڪ سانئي انهي شيءِ جي جيڪا هنجي سينه ۾ محفوظ رکيل آهي اها شيءِ ڪهڙي آهي؟ اها شيءِ آهي معرفت خدا تعالى جي، ايمان ۽ صداقت. ٻي حديث شريف ۾ آهي مَا صَبَّ اللّٰهُ شَيْئًا فِيْ صَدْرِيْ اِلَّا وَصَبَبْتُهٗ فِيْ صَدْرِ اَبِيْ بَكْرٍ نه پلٽايو آهي خدا تعالى منهنجي سيني ۾ ڪا شيءِ مگر جو پلٽائي مون اها منجهه سيني ابوبكر جي - اها شيءِ ڪهڙي آهي اها شيءِ آهي علم باطني معرفت ۽ محبت خدا تعالى جي.

ٻيو ياڳو سوال جو آهي (بدعت ڇولئي) سو پهريائين لغت ۾ معنیٰ بدعت جي ۽ شريعت ۾ معنیٰ بدعت جي سمجهو، پوءِ جواب اوهانکي ازخود معلوم ٿيندو.

تحقيق مسئله بدعت

ڄاڻڻ گهرجي ته بدعت جون ٻه معنائون آهن، هڪڙي لغوي، ٻي شرعي، لغوي معنیٰ آهي جديد اختراع ڪرڻ ڪنهن شيءِ جو. يعني جيڪا زمانهٔ آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام ۾ ڪانه هئي. انهي معنیٰ سان سڀ شيون جيڪي هن زماني ۾ آهن بدعتون آهن، انهي معنیٰ سان بدعت عام لفظ آهي. مباح کي، مستحب کي، واجب ۽ فرض کي به شامل آهي ۽ مڪروه، حرام کي به شامل آهي، جئين عن قريب انهن جا مثال بيان ڪريون ٿا ۽ شرعي بدعت انهي کي چئبو آهي جيڪا شرع جي مخالف هجي جئين حديث شريف ۾ ان جي معنیٰ صريحا بيان ڪيل آهي ته "مَنْ اَحْدَثَ فِي اَمْرِنَا هٰذَا مَا لَيْسَ مِنْهُ فَهُوَ رَدٌّ" تهنکي شرعا بدعت سيئه چئبو آهي ۽ جيڪا هن شرع جي موافق بلڪه ان جي موجد ۽ مؤيد آهي ته ان کي بدعت حسنه چئبو آهي. ۽ اها تقسيم بدعت جي حسنه تي ۽ سيئه تي خود حديث شريف ۾ آئي آهي، جئين ته فرمايو اٿن "مَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَهٗ اَجْرُهَا وَاَجْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَمَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً سَيِّئَةً فَعَلَيْهِ وِزْرُهَا وَوِزْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ"

هاڻي اسانکي فرق ڪرڻ گهرجي، هڪڙي قسم کي ٻي قسم کان جدا ڪرڻ گهرجي حلال ۽ حرام جو تميز ڪرڻ گهرجي. اهو فرق هيئن ڪبو ته جيڪي شيون اصول شريعت جي برخلاف آهن ناجائز ۽ ممنوع آهن. جيڪڏهن هي نيون پيدا ڪيل شيون انهن جي مدد ڪنديون ۽ پيدا ڪنديون آهن ته اهي به ناجائز ۽ ممنوع آهن مثلاً اوهانکي خبر آهي ته لهو و لعب جا ڪم ممنوع آهن فحاشي ۽ بي ستري ڪرڻ ممنوع آهي ته

لهو ولعب وارا ڪم ۽ فحاشي وارا ايجادات واختراعات به بدعت سيئه جي قبيله مان آهن جئين سينيمائون ، لباس عرياني، تصويرڪشي ۽ ڳائڻ وڄائڻ به ممنوع آهي ته فوٽوگرافي ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا اوزار به ممنوع آهن ۽ جيڪي ايجادات واختراعات امور شرعيه جا مؤيد ۽ اسباب موجبه آهن سي حسب المراتب جائز يا واجب ۽ فرض آهن تهن جا ڪي مثال اوهانکي ٻڌايون ٿا ته مسئلو چڱي طرح واضح ٿئي ۽ ۽ اوهانجي ذهن نشين ٿئي.

(١) مثلاً قرآن شريف پڙهڻ پڙهائڻ فرض آهي تهنوقت اوهانکي فرجي تي الف ب پڙهائڻ ۽ هجي ڪري ٻارن کي سيکارڻ ۾ دري چالي جو قرآن شريف دني پڙهائڻ فرض آهي. چار رسول الله صلى الله تعالى عليه وسلم اصحابن کي الف، ب، ت جي فرجي پڙهائي هئي ۽ الف لام زبر اَل حي ميم زبر حَمْ دال پيش دُ سيکاريو هو؟ جي نه ته اوهانجي قول موجب اِها اهڙي بدعت آهي جانه رسول الله صلى الله تعالى وسلم ڪئي آهي نه اصحابن سڳورن. حال آنڪه هن وقت اوهان تي اها بدعت يعني انهي طريقه سان قرآن شريف پڙهائڻ فرض آهي جيڪڏهن اوهان ان تي عمل نه ڪندا ته قرآن شريف جي تعليم نٿي سگهندي ۽ هي فرض اسلام جو رهجي ويندو

ز لوح اول الف با تا نخوانی ز قرآن درس کردن کے توانی

اهڙي طرح ذڪر ڪرڻ جي واسطي هن وقت اوهان تي فرض آهي ته اهو مشائخن جو طريقو ذڪر اذڪار ۽ مراقبه جو وني ڪامياب ٿيو نه ته اوهين محروم رهجي ويندو. اهڙي طرح ٻيا علوم ديني جي واسطي ڇاپي ڪتاب وني پڙهائڻ لازم آهن حالانڪه مطبعون ۽ ڇاپيل ڪتاب به بدعتون ۽ نوان اختراعات آهن مگر مؤيد دين جا ۽ ضروري اسباب امور شرعيه جا آهن ته اهي بدعتون اسانکي استعمال ڪرڻ لازمي آهن

(٢) حج تي وڃڻ جي واسطي اڳي پيدل قافلا ويندا هوا نه ٻيڙي جهاز هوا نه هوائي جهاز نه موٽر لاريون نه بسون. هاڻي جيڪڏهن اوهين چوندا ته هي بدعتون آهن اسين انهن کي استعمال نه ڪنداسين ته يقيناً اوهان فريضهٔ حج ادا ڪري نه سگهندا ۽ قافلا سان وڃي نه سگهندا هاڻي اوهان تي فرض آهي ته اهي بدعتون استعمال ڪريو ۽ حج جي فرض ادائي ڪريو.

(نوٽ) هنن شين کي جو آئون (بدعتون، بدعتون) چوان ٿو باعتبار لغوي معنیٰ جي نه باعتبار شرعي معنیٰ جي كما لا يخفى.

(٣) ٽيون مثال. اڳئين زماني ۾ جنگ جهاد ترارن ۽ ڀالن سان ٿيندو هو ۽ گهوڙا وڏو اسباب جنگ جو هو هاڻي جيڪڏهن ڪو بادشاهه اسلام چئي ته آئون جنگ تلوار ۽ ڀالن سان ڪندس، نه توبن ۽ بندوقن سان ته يقيناً مسلمان هلاڪ ٿي ويندا ۽ ڪُفّار غالب ٿي ويندا اهڙي ڏينهن ۾ مسلمان ختم ٿي ويندا. هن وقت بادشاهه اسلام تي فرض آهي ته اهي نئوان اسباب جنگ جا توفون مشين گنيون ۽ هوائي جهاز ۽ بم گولا استعمال ڪري ۽ انهن جي طاقت سان دشمنن کي ماري ۽ مغلوب ڪري ۽ اسلام کي فتحياب ڪري كما قال سبحانه وتعالیٰ وَاَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ

هي ته ٽي مثال مون اوهان کي ٻڌايا آهن اهڙا هزارين ٻيا مثال موجود آهن جن کي اهي پاڻ (بدعت چوڻ وارا) استعمال ڪري رهيا آهن. بدعتن استعمال ڪرڻ کان سواءِ هڪڙو ڏينهن به ماڻهون دنيا ۾ نه رهي نٿو سگهي

مطلب ته هي مسئلو (بدعت جو لفظ مشترڪ المعنى هجڻ ڪري) منزلة الاقدام آهي. اوهان کي پنهنجي علم وعقل کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي فهم وفراست سان هر نوع کي سمجهڻ گهرجي هر نوع تي اهو حڪم لڳائڻ گهرجي جنهن نوع سان

اهو لاڳاپو رکندڙ هجي. جيڪو ايجاد ٿيل ڪم شريعت جي حڪم جو محصّل ۽ مؤيّد ۽ موجب هجي ان کي واجب يا فرض چئبو ۽ جيڪو شرع جي بر خلاف ڪم جو موجد ۽ موجب هجي ته ان کي ناجائز ۽ حرام چوڻ گهرجي "ڪُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ" جو چيل آهي سو بدعت شرعي جي واسطي، نه بدعت لغوي جي واسطي جو ته بدعة حسنة جي ايجاد لاءِ بشارتون آيل آهن ۽ حديثن جا دليل موجود آهن كما لا يخفى على من له علم وعقل سليم

مسئله استمداد از اهل قبور

هڪڙو مولوي صاحب[1] پشاوري وڏو عالم تعليم يافته ديوبند ٽنڊه سائينداد ۾ اسانجي حضرت والد صاحب کان حزب البحر جي اجازت وٺڻ آيو هو. هڪڙي ڏينهن هواخوري لاءِ باغ جي طرف نڪري وياسين ۽ هڪڙي وڻ جي ڇانو ۾ خلاصا ويناسين. اتفاقاً اتي هن مسئله تي بحث شروع ٿيو. پاڻ مولوي صاحب پنهنجي مذهب موافق منع جو قائل هو ۽ آئون اثبات جو. مولوي صاحب هي مشهور دليل آية كريمه اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ پيش ڪيو مون جواباً عرض ڪيو ته مولوي صاحب! استعانت ٻه قسم آهي، حقيقي ۽ مجازي، اهڙي طرح عبادت به ٻه قسم آهي، حقيقي ۽ مجازي. مجازي عبوديت جهڙي طرح ڪنهن نوڪر هجڻ يا ٻانهون هجڻ بالاتفاق جائز آهي مگر حقيقي معبود هجڻ خاص خدا تعالى سان آهي. هن آية كريمه ۾ ٻئي لفظ حقيقي معنى ۾ مستعمل ٿيا آهن جئين عطف ۽ معطوف ٻنهي جو اشتراڪ معنى ۾ ضروري آهي. يعني اسين حقيقي طور خاص تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ حقيقي طور خاص تو ن مستعان

---

[1] مولوي صاحب جو نالو مونکي ياد آهي مگر پاڻ حال حيات آهي تنهنڪري نالو هنجو نه ٿو ڏيکاريان

۽ مدد گار آهين - باقي مجازي طور ٻين کان مدد ۽ استعانت وٺڻ جائز آهي تهن جو دليل قرآن شريف ۾ آهي وَتَعَاوَنُوا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ولا تعاونوا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۽ حديث شريف ۾ آهي اَللّٰهُ فِي عَوْنِ الْعَبْدِ مَا كَانَ الْعَبْدُ فِي عَوْنِ اَخِيْهِ. جيڪڏهن مجازي طور به مدد وٺڻ شرڪ هجي ها ته خدا تعالىٰ نه فرمائي ها وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى

توضيح معنیٰ حقيقي و مجازي

جاڻڻ گهرجي ته اسان اهل سنة والجماعت وٽ خالق، مالڪ ڪل شيءِ جو ۽ فاعل مختار فقط الله تعالىٰ آهي جَلَّ جَلَالُهٗ وَعَمَّ نواله مگر خدا تعالىٰ پنهنجن ڪمن تي پردو اسباب ۽ آلات جو وڌو آهي ڪم پنهنجن ٻانهن جي هٿان ڪرائي ٿو ۽ في الحقيقة فاعل پاڻ آهي جئين چئبو آهي (زيد خالد کي قتل ڪيو) في الحقيقة فاعل خدا تعالىٰ آهي مگر نسبت زيد ڏانهن مجازاً ڪئي ويئي ٿي جو هن جي هٿان اهو ڪم صادر ٿيو. يا جئين چئبي ٿو (فلاڻي بادشاه فلاڻو ملڪ فتح ڪيو) حالانڪه اهو ملڪ لشڪر فتح ڪيو بادشاه ته سون ڪوهن تي پري ويٺو هو مگر هن جي حڪم سان هنن ملڪ فتح ڪيو ته ملڪ بادشاه جو ٿيو نه لشڪر جو مطلب ته انسان هر حال ۾ هر ڳالهه ۾ محتاج مدد غير جو آهي. کائڻ پيئڻ، هلڻ، چلڻ، بيماري سيماري، سفر حضر ۾ ٻين شين کان مدد وني ٿو تڏهن وقت گذاري ٿو باقي فاعل مالڪ خالق هر شيءِ جو الله تعالىٰ وحده لاشريڪ له آهي - اسانجو ايمان آهي ته ـــ

نه خلد بے امداد تش خارے　　نگسلد بے مشيتش تارے

خير بحث هلندي هلندي آخر مولانا صاحب چيو ته جيرا هڪ ٻئي جي مدد ڪري سگهن ٿا نه مُئا. جئين حضرت امير عمرؓ جو مشهور قصو حديث ۾

مذڪور آهي تہ اِستسقا يعني باران نماز ۾ توسّل حضرت عباسؓ عم الرسول صلی اللہ تعالیٰ عليہ وسلم سان ڪيائين نہ حضور اڪرم عليہ الصلوۃ والسلام جي قبر مبارڪ سان -

مون چيو بس مولانا صاحب ! اهو قول ۽ فعل حضرت عمرؓ جو اسان لاءِ فيصلہ ڪُن دليل آهي ۽ اسانکي بسر و چشم قبول آهي اسانجو تہ مطلب ئي اهو آهي تہ مطلق توسّل ۽ استمداد عن الغير ڪفر ۽ شرڪ نہ آهي ڪما فعلہ عمر رضی اللہ تعالیٰ عنہ فِي مَجْمَعٍ مِّنَ الصَّحَابَةِ كُلِّهِمْ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالیٰ عَنْهُمْ بِغَيْرِ نَكِيْرٍ مُنْكِرٍ فَكَانَ مُتَّفَقًا عَلَيْهِ

جيڪڏهن توسّل ۽ استمداد مطلقاً ڪفر ۽ شرڪ هجي تہ چا؟ جيئرن سان شرڪ ڪرڻ جائز آهي ميتن سان نہ ولا قائل بہ احد.

مطلب تہ هن سند ۽ پيش ڪيل دليل تي مون اهڙي گهٽ ڪئي جو مولانا صاحب لاجواب ٿيو ۽ خاموشي ڪيائون.

باقي هي مسئلو تہ ميت ڪيئن ٿا اعانت ڪري سگهن ۽ هننکي شعور ۽ ادراڪ باقي آهي يا نہ؟ اهو عليحدہ جُدا مستقل مسئلو آهي جنهن جو بحث ٻئي وقت تي مهمل ڪيو ويو.

مسئلہ ڪسبِ حلال

هاڻ پر اڻ ۾ مرحوم شيخ عبدالغني جي اوطاق ۾ تڪيل هوا سين صبح جو ڪي شهر جا ماڻهون ملاقات لاءِ آيا. هڪڙو سفيد ريش سفيد پوش ماڻهون نظر آيو. مونکي ٻڌايو ويو تہ هي ماستر پينشن بردار اسانجي ڳوٺ جو آهي. ڏاڍو نيڪ بخت پرهيزگار شخص آهي. ڇڱو ن ماستر صاحب مون کان پڇيو. سائين؟ رزق حلال جو هينئر ڪو نہ

آهي، مون چيو ته آهي. هي ڪاسبي شهر جا، واڍا، ڙاڙا، ڪُنڀار ۽ درزي سڀ حلال ڪمائڻ وارا آهن. بازار ۾ جيڪي سودو سلوف وڪڻن ٿا ڪن سي به حلال ڪمائڻ وارا آهن سرڪاري نوڪر ٽپال جا، ريلوي جا، اسڪول ماستر سڀئي جو رزق حلال آهي. زميندار جيڪي ابي ڏاڏي جي زمينن جا مالڪ آهن سي حلال ملڪيت جا مالڪ آهن.

ماستر صاحب هٿ مٿي ڪري اُس پاس جيڪي بنگلا ۽ گهر هوا اشارو ڪري چيائين سائين هي سڀ بنگلا ۽ جايون حرام مان ٺهيلون آهن مون چيو ماستر صاحب هي ته اوهانجي سخت بي انصافي ۽ زوري آهي. آئون قبول ٿو ڪريان ته اوهانجي شهر ۾ ڪي چور به هوندا جوا بازي ڪندڙ، ياوياج کائيندڙ به هوندا پر اوهين پنجن حرام خورن جي ڪري سڀني ۹۵ فيصد ي حلال خورن کي به حرام خور بڻايو ٿا اها بي انصافي نا هي ته ڇا آهي.

پوءِ ماستر صاحب کي مون ٻڌايو ته مسلمانن تي هي بدظني ڪرڻ بجاءِ خود وڏو گناه آهي. اسان تي حڪم آهي ته مسلمانن تي بدگماني نه ڪريون سڀني تي نيڪ گمان ڪريون ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو هنجي اعمالن ۽ افعالن کي نيڪ معنىٰ تي ۽ جائز طريقي تي حمل ڪريون. آميد ته هن گناه کان اوهين پاڻکي بچائيندا ڏسو تصانيف امام غزاليؒ، تصانيف امام شعراني ته هن گناه جي ڪيتري شناعت بيان ڪئي اٿن ۽ ڪيتري مذمت ڪئي اٿن- شال خدا تعالىٰ اسانکي ۽ اوهانکي پناه ۾ رکي اوهين پنهنجي نيّت ۽ پهنجا عمل سڌاريو پين جي عملن جو تجسُّس ڪرڻ اسانتي لازم نه آهي.

مطلب ته هن تقرير مان سڀ حاضرين مجلس محظوظ ٿيا ۽ قبول ڪيائون

مسئله باغِ فدڪ

هي مسئلو اهل تشيع ۽ اهل سنّت والجماعت جي وچ ۾ معرڪة الآراء مسئلو آهي ۽ هن تي جدا مستقل ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ جيتري قدر هنن جي نظر ۾ هي سنگين ترين الزام ۽ وڏو اعتراض حضرت ابوبڪر رض صديق تي آهي اوتري قدر هنجو جواب واضح ۽ آسان آهي مطابق عقل ۽ شرع جي آهي باقي ڪو نه مڃيندو ته هنڪي ڇا ڪبو.

آئون رسول آباد حڪيم خان محمد سومره جي اوطاق تي نڪيل هوس. شام جو مونکي چيائون، اسان جي ڳوٺ ۾ سُنّي به آهن شيعا به شيعا ڪي سوال سنّين کان ڪن ٿا جن جو جواب سُنّي ڏئي نٿا سگهن سي چون ٿا ته نلاڻون (منهنجي نالي) جيڪڏهن اسانکي سمجهائي ته اسين وٽيس اچون. مون چيو ته ادو ڇڱو ٿو پلي اچن. نماز مغرب کان بعد ڪي آيا. مو چيو مانِ ته هي مسئلو تمام صاف ۽ ظاهر آهي آئون ڪجهه مفصل احوال ۽ حقيقت اوهانکي ٻڌايان ٿو اميد ته اوهين بالکل مطمئن ٿي ويندا. اوّل معلوم ڪريو ته باغ فدڪ آهي ڇا؟ سو معلوم هجي ته مدينه شريف کان شمالي طرف چار پنج منزلون پري هڪڙو ضلعو آهي جنهنجو نالو آهي خيبر اهو ضلعو تمام سرسبز ۽ زرخيز ملڪ آهي - باغ بستان به آهن ۽ پاڻي به گهڻو آهي - باشندا انجا اُهي شرير يهودي هوا جي ڪُفّار مڪه قريشن سان ساز و باز ڪري هميشه مدينه شريف جي مسلمانن تي چڙهائي ڪندا هوا قريشن کي راشن

۽ سامان جنگ جو بہ ڏيندا ھوا ۽ پنھنجن مضبوط قلعن ۾ ھنن کي جاءِ پناہ بہ ڏيندا ھوا وڏا دولتمند ۽ طاقت وارا ھوا. مسلمانن جڏھن اھو ملڪ فتح ڪيو ۽ يھودين کي شڪست فاش آئي تڏھن ھنن صلح جي سلسلہ جنباني ڪئي ۽ فدڪ جو ٽيون (جيئين سنڌ ۾ ھر ڪنھن تعلقہ ۾ جدا جدا ٽپو ٿيندا آھي) تا وان جنگ ۾ ڏيڻ قبول ڪيو. رسول اللہ صلی اللہ تعالیٰ وسلم ھنن سان صلح ڪرڻ قبول ڪيو ۽ زيادہ جنگ ڪرڻ بند ڪئي ۽ شرائط صلح ۾ ھي شرط باغ فدڪ جو ونڻ قبول ڪيو. ھي آھي مختصر تاريخي حالات باغ فدڪ جي.

ھاڻي سمجھڻ گھرجي تہ دنيا ۾ اجان تائين سيني حڪومتن ۽ سلطنتن جو ھي متفق عليہ قاعدو آھي تہ بادشاہ جي ھٿ ۾ ملڪيت يا قبضو ۽ متصرفي ٻن قسمن جي آھي، ھڪڙي شخصي ملڪيت بادشاہ جي آھي جھڙي طرح ڪامورو ڏي جائداد ھجي يا زرخريد ھجي يا ڪنھن بخشش طور بادشاہ کي ڏني ھجي. ٻيو قسم آھي قومي ملڪيت جنھنکي شريعت جي اصطلاح ۾ بيت المال چئجي ٿو اھا قومي ملڪيت قوم جي آھي ۽ قوم جي مصالح ۾ خرچ ڪبي آھي بادشاہ فقط انجو متولي ۽ محافظ ٿي رھندو آھي ۽ امانت طور ھنجي ھٿ ۾ رھندي آھي امانت جي شئ ۾ سوال ورثہ جو يا بخشش جو پيدا ئي نٿو ٿئي اوھا ٻجي ھٿ ۾ ڪي امانتون آھن يا مسواڙ جي جاءِ آھي يا گروي رکيل آھي تہ وارث ائين چئي نٿا سگھن تہ اسان وارثن کي بہ انھن مان ٻني ملي.

ٻيو تہ اسان وٽ حيات النبي صلی اللہ تعالیٰ عليہ وسلم مسلّم آھي يعني انبياء اوليا قبرن ۾ جيرا آھن ميّتن جا احڪام انبيائن تي جاري نہ آھن

فقط دنيا کان پنهنجن قبرن ۾ پرده پوش ٿيا آهن.

بر خلاف بين مومنن جي هنن جو نڪاح مرڻ سان ٽٽي ويندو آهي زالون عدت گذارڻ بعد ٻيو نڪاح ڪري سگهن ٿيون، آنحضرت عليہ الصلوٰة جو نڪاح اُمّهات المومنين سان باقي آهي قيامت تائين ٻيو نڪاح ڪري نٿيون سگهن ڇو ته آنحضرت عليہ الصلواة والسلام حيات في القبر آهن.

اوهين پهريائين آنحضرت عليہ الصلواة والسلام جو موت بين ميّتن وانگي ثابت ڪريو پوء مون کان حضرت ابوبڪر صديق رضؓ جو وارثن کي ورثہ نہ ڏيڻ جو جواب وٺو.

ٻيو تہ هن اعتراض جو دارومدار آهي ورثہ تي ۽ ملڪيت تي ورثہ ۾ ڪا شئي متروڪہ ملڪيت آهي ئي ڪانہ پوء سوال آهي ئي ڪونہ. اوهين مونکي ٻڌايو تہ حضرت جن مال ملڪيت ڪهڙي ڇڏي هئي جا ابوبڪر رضؓ وارثن کي نہ ڏني- ڇا باغ فدڪ جو حضرت جن جو ذاتي ملڪيت هئي (نہ) پاڻ سگورن خريد ڪيو هو (نہ) ڪين بخشش طور مليو هو (نہ) قيامت تائين ثابت ڪري نہ سگهندا پوء اعتراض ڪهڙو آهي.

باغ فدڪ جو تہ قومي ملڪيت هئي ۽ انهيءَ مصارف اُهي آهن جيڪي قرآن شريف ۾ صراحتًا مذڪور آهن ١٢٩ د

مَا أَفَاءَ اللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ مِنْ أَهْلِ الْقُرَىٰ فَلِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِي الْقُرْبَىٰ الى آخره

سو خود آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام پنهنجي حياتي ۾ انهي تي عمل ڪيو پوء خلفاء راشدين ۽ خود حضرت علي ڪرم الله وجهه انهي فيصلہ صديقي تي عمل ڪيو پنهنجي خلافت جي وقت بہ انجي برخلاف نہ ڪيائين.

حضرت امام حسنؓ امام حسينؓ کي جيکي بي بي خاتون جنت جا وارث هوا، ٻين وارثن کي ترڪو تقسيم ڪري نه ڏنائين.

منهنجي خيال ۾ ته اوهين پاڻ ان وقت شريعت جا قاضي هجو ها ته اهو فيصلو ڪريو ها جيڪو ابوبڪر صديقؓ ڪيو.

باقي هي خدشو متان اوهانجي دل ۾ خلجان ڪري تنهنکي به دفع ڪريان ٿو ته "پوءِ خاتون جنت بي بي فاطمه سڳوري جو ورثي جي دعوىٰ ابوبڪر صديقؓ وٽ ڪئي ۽ جو حضرت ابوبڪرؓ سندس احترام خاطر سندس دعوىٰ قبول نه ڪئي". تنهن جو جواب هي آهي ته آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام پنهنجي عيال جو نان نفقو انهي آمدني مان ڪندا هوا تنهنڪري خيال ڪيائون ته شايد هي ڪا ذاتي ملڪيت آهي پوءِ جڏهن حضرت صديق اڪبرؓ کين حديث شريف ٻڌائي ته "نَحْنُ مَعَاشِرُ الْاَنْبِيَاءِ لَانُوْرِثُ مَاتَرَكْنَاهُ صَدَقَةٌ" پوءِ خاموش ڪيائون ۽ وري ڪڏهن گهر نه ڪيائون. ائين نه آهي ته حضرت جن جون حديثون انهي وقت هر هڪ اصحابي کي سڀ معلوم هيون. بي بي خاتون جنت ته سخت پرده نشين هئي ۽ دنيا جي ڪاروبار کان بالڪل فارغ البال هئي تنهنڪري ته سندس لقب بتول پئجي ويو. پر حضرت امير عمرؓ جهڙو جليل الشان اصحابي به جڏهن ڪو واقعو درپيش ايندو هو ته ٻين اصحابن کي گهرائي پڇندو هو ته هن مسئلہ ۾ ڪنهنکي رسول الله صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جو فيصلو يا حديث معلوم هجي ته مونکي ٻڌائي. پوءِ ان تي عمل ڪندو هو.

ٻيو فقرو سوال جو ته حضرت ابابڪر صديقؓ جو سندن ٻن احترام لاءِ اهيو ڪم نه ڪيو.

سو ظاهر آهي تہ اسلامي قانون عدل ۽ مساوات تي مبني آهي ذات پات جو فرق يا امير کبير ۽ هڪ غريب آدمي جو فرق آهي ڪون

ایک ہی صف میں کھڑے ہو گئے محمود و ایاز

رسول الله صلى الله تعالىٰ عليه وسلم فرمايو آهي "لَا فَضْلَ لِقُرَشِيٍّ عَلٰى حَبْشِيٍّ وَلَا لِعَرَبِيٍّ عَلٰى عَجْمِيٍّ كُلُّكُمْ مِنْ آدَمَ وَآدَمُ مِنْ تُرَابٍ الحديث"

خليفهٔ اوّل صديق اڪبر رضه جيڪڏهن قانونِ شريعت ۾ قير قار ڪري ها تہ اسلام ۾ اينءَ و دور ختم پوي ها جو ور ي قيامت تائين ميٽي نہ سگهجي ها ۽ اڳتي هلي سيکو خاندان ۽ شريف ماڻهون پنهنجي حسب نسب تي فيصلا ڪرائي ها ۽ حضرت ابو بڪر صديق جي عمل کي دليل وٺي ها.

خشت اول چون نہد معمار کج تا ثریا می رود دیوار کج

ڏسو خود آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام هڪڙي وقت ڇا ڪيو آهي ڇا فرمايو آهي - اهو قصو صحيح حديثن ۾ مذڪور آهي تہ هڪڙي دفعہ قريش جي هڪ معزز ترين خاندان مان هڪڙي عورت چوري ڪري هنجا زر زيور پيتي مان ڪڍي وئي آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام هن تي شرعي حَدَّ هٿ ڪپڻ جي جاري ڪئي ڪن اصحابن مصلحت وقت جي ڏسي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلى الله تعالىٰ عليه وسلم هي عورت تمام وڏي شريف گهراڻي جي فرد آهي هنکي جيڪر ڇڏي ڏجي ۽ حَدَّ جاري ڪرڻ معاف ڪجي. آنحضرت عليه الصلواة والسلام کي سخت غُصّو آيو ۽ فرمايائون "اوهانکي خبر آهي تہ بني اسرائيل ڇو هلاڪ ٿيا ڪو هن وڏو معتبر ماڻهو ڏوهہ ڪندو هو تہ ان کي معاف ڪندا هوا ۽ جيڪڏ

کوغريب ماڻهو ڏوهه ڪندو هو ته انهن تي حدّ جاري ڪندا هوا ۽ سزا ڏيندا هوا.

وَاللّٰهِ لَوْ فَاطِمَةُ بِنْتَ مُحَمَّدٍ سَرَقَتْ لَقَطَعْتُ يَدَهَا

اسلام ۾ شريعت جو احترام ذاتي احترام کان زياده اَهمّ ۽ اَشدّ فرض آهي.

ٻيو: حضرت علي شاهه ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهٗ تي ايامِ خلافت ۾ هڪڙي يهودي محڪمهٔ شرعيه ۾ دعويٰ ڪئي ته هُن مون کان دَرع خريد ڪئي مگر مونکي پيسا ڪونه ڏنا آهنس. قاضي حضرت علي شاهه کي گهرايو ۽ چيائين ته هن شخص توتي دَرع جي پيسن لاءِ دعويٰ ڪئي آهي. حضرت علي فرمايو ته برابر مون دَرع خريد ڪئي هئي مگر پيسا به مون ڏئي ڇڏيا آهن. قاضي صاحب چيو ثابتي ڏي- شاهد آڻ. حضرت علي شاهه هڪڙو پٽ پنهنجو امام حسن شاهد ڪيو ٻيو غلام پنهنجو قنبر. قاضي صاحب چيو اهي ٻئي شاهد ٺهنجا ڪار نه آهن. هڪڙو آهي پٽ ٺهنجو ٻيو آهي غلام ٺهنجو. ٻيا شاهد آڻ. چيائين ٻيا شاهد مون وٽ ڪونه آهن. قاضي صاحب حڪم ڪيو ته پوءِ پيسا ڀري ڏي. چيائين ته چگون ڀري ڏيندس. حضرت علي شاهه جي برخلاف يهودي جي فائدي ۾ فيصلو ٿيو. يهودي کي ته پيسا مليل هوا. چيائين اشهد اَنّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهَ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدً ارَّسُوْلُ اللّٰه. مون فقط اوهانجي دين ۽ مذهب جو امتحان ٿي ورتو. حضرت علي شاهه نه قاضي تي ڪاوڙيو نه ناراض ٿيو شرعي قانون جي اڳيان سر تسليم خم ڪيائين.

ٽيون: خاتون جنّت جو فيصلو ابوبڪر صديق وٽ ساڳيو اهيو مثال

آهي جهڙو حضرت علي شاه جو قصو، جو بي بي خاتون جنت شريعت جو حڪم ٻڌي ي سر تسليم خم ڪيو ۽ پنهنجي دعوىٰ کان دستبردار ٿي ويئي ۽ دري عمر انهن ڳالهين تائين

آخر ظهر جو مسئلو

هي مسئلو به اسانجي ملڪ سنڌ ۾ معرڪة الآراء مسئلو آهي ڪي علما وجوب جا قائل آهن، ڪي مانع آهن. ٻنهي ڌرين جا ڪي پنهنجي رد ۾ قدح ۾ مستقل ڪتاب لکيل ۽ ڇاپيل آهن.

اسانجا مشائخ ڪرام ۽ اساتذه عظام وجوب جا قائل آهن آئون پاڻ به انجو قائل ۽ عامل آهيان. مون هميشه آخر ظهر پڙهيو آهي ۽ اڄ تائين پڙهندو آهيان فقط حرمين شريفين مڪه ۽ مدينه ۾ نه پڙهيو آهي لِوُجُودِ شَرَائِطِ الصِّحَّةِ فِيهِمَا - جيڪو مخلص منهنجو راءِ منهنجي فتوىٰ پڇي ته انهي سان بحث ڪرڻ جو ضرورت ڪونه آهي فقط پنهنجي فتوىٰ ٻڌائڻ بس آهي. باقي جيڪو بحث ڪرڻ گهري تهن سان بحث مباحثو ڪرڻ ۽ دليل دلائل ٻڌائڻ لاءِ به تيار آهيان

بحث ڪرڻ وارو ماڻهون معلوم ڪرڻ گهرجي ته ڪهڙي نوع جو آهي مقلد آهي يا غير مقلد - جيڪڏهن مقلد مذهب حنفي جو آهي ته ڏسجي بحث ڪرڻ جو ضرورت ڪونه آهي. بابا، اسانجي حنفي مذهب جا وڏا وڏا علما جيڪي مذهب ۾ اسانجا پيشوا آهن اسين انهن جي شاگردن جا شاگرد به نٿا سونهون، مثلاً مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبد الواحد سيوستاني، علماء هالاڪندي، علماء

متيارى - ٻيانئي ۾ مولوي علامه عبدالغفور همايوني جو اخير زماني ۾ وڏو فقيه معتمد عليه عالم ٿي گذريو آهي انهن جا ڪتاب، رسالا ۽ تحريرون موجود آهن اچوته اوهانکي ڏيکاريان هي سڀ نه فقط جواز جا بلڪ وجوب جا قائل آهن. وَكَفٰى لَنَا بِهِمْ قُدْوَةً وَاِمَامًا واعتمادًا - زياده بحث ڪرڻ جو ضرورت ڪونه آهي انهن جون فتوائون ڪافي آهن.

۽ جيڪڏهن اهو شخص غير مقلد عرفا اهل حديث آهي ته انهي ڪان پڇو - آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام حجة الوداع ۾ يوم الجمعة عرفات ۾ جو نماز جمعه جي نه پڙهي آهي فقط ظهر جي نماز مع العصر پڙهي آهي وهذا بِالْاِتِّفَاقِ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ حال آنڪه سرور عالم عليه الصلوٰة والسلام پاڻ موجود هوا ۽ لک سوالک اصحابن جو جم غفير ساڻن موجود هو ان ڪري جو عرفات لق دق ميدان آهي نه شهر آهي نه بازار آهي نه حاڪم رهڻ جي جاءِ آهي، تهنڪري امام ابوحنيفه وٽ صحت جمعه لاءِ مصر هجڻ شرط آهي ۽ امام صاحب جو مذهب حديثن تي مبني آهي ڪما قال (اِذَا صَحَّ الْحَدِيْثُ فَهُوَ مَذْهَبِيْ) لَا كَمَا يَزْعَمُ الْمُخَالِفُ اَنَّهٗ مُخَالِفٌ لِلْحَدِيْثِ) مصر هجڻ ڪان سواءِ ٻيا به ڪي شرط جمعه جي واسطي بِالْاِتِّفَاقِ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ آهن مثلاً جمعه جي واسطي جماعت به ضروري آهي ڪماز ڪم ٻه ٽي جڻان ضروري آهن منفرد ماڻهو جمعه جي نماز پڙهي نٿو سگهي. حال آنڪ ظهر جي نماز لاءِ ڪو شرط شروط ڪونه آهي، منفرد به پڙهندو مسافر به پڙهندو صحرا ۾ به پڙهندو شهر ۾ به پڙهندو ڳوٺ ۾ به پڙهندو

مطلب ته ظهر جي نماز ۾ ۽ جمعه جي نماز ۾ فرق ضرور آهي جو اهل حديث پڻ قبول ڪندا.

هاڻي اسين ڏسون ٿا ته سنڌ جي ملڪ ۾ بعضي شرائط جمعه جا موجود آهن ۽ بعضي موجود نه آهن - تنهن ڪري عالمن فتویٰ ڪئي آهي ته جمعه جي نماز فرض جي نيت سان ضرور پڙهوجو ته فرضيت جمعه جي نص قرآن سان ثابت آهي ۽ احتياطاً آخر ظهر به پڙهو ته ادهان تان فرض ادائي يقيناً ٿي وڃي

سوال آخر ظهر جي معنىٰ ڇا آهي ۽ اهو ڪئين پڙهبو.

جواب آخر ظهر جي معنىٰ آهي ته پويون فرض نماز ظهر جو مون تي واجب آهي سو ادا ڪريان ٿو ۽ پڙهڻ جي ترتيب به اها ساڳي آهي جيڪا ظهر جي نماز جي آهي يعني مقيم چار رڪعتون پڙهندو ٻن پهرين رڪعتن ۾ ضمُّ سورة جو ڪندو ۽ ٻن پوين ۾ خالي الحمد بغير ضَمُّ سورة جي ۽ مسافر قصر ڪندو يعني فقط ٻه رڪعتون پڙهندو جئين ظهر جي نماز.

هتي به ٿي هلڪا سوال جواب آهن جي اسين اختصار جي واسطي ذڪر نٿا ڪريون علم واري ڪي انهن جو جواب ظاهر ۽ آسان آهي. باقي هي جو چوڻ ۾ اچي ٿو ته اسين اڳي انگريزن جي زماني ۾ آخر ظهر پڙهندا هوا سين جو ملڪ دار الحرب هو، هاڻي پاڪستان بڻيو آهي ته دار الاسلام ٿيو آهي تنهن ڪري آخر ظهر نٿا پڙهون“- سو انجو جواب به بالڪل ظاهر ۽ آسان آهي. اوّل ته مونکي ٻڌايو پاڪستان ٺهڻ کان پوء ڪهڙا قاعدا ۽ قانون اسلام جا جاري ٿيا آهن بلڪ

انگريزن جي وقت کان به زياده خلاف اسلام جي قانون جاري ٿيا آهن باقي نماز روزه لاءِ آزادي آهي سا ته انگريزن جي وقت ۾ به هئي.

هن مسئلہ تي مهنجو بحث هڪڙي شريف ماڻهو سان جو آخرظهر جو مخالف هئو، ٿي رهيو هو پاڻ دارالاسلام هجڻ تي اهو دليل پيش ڪيائين ته نماز روزه جي آزادي آهي اتفاقاً اُن ڏينهن مهنجي هٿ ۾ هڪڙي اُردو اخبار هئي جنهن ۾ عيد الاضحيٰ جي موقعي تي مسلمانن لنڊن ۾ عيد ملهائي هئي ۽ وڏي مجمع سان نماز عيد جي پڙهي هوائون انهن جون تصويرون ۽ فوٽا اخبارن ۾ شايع ٿيا هوا. مون شاه صاحب کي اها اخبار ڪڍي ڏيکاري ۽ عرض ڪيو ته شاهه صاحب لنڊن کي به دارالاسلام چئو جواتي سنڌ کان به زياده شاندار نمونه سان عيد نماز پڙهي اٿن ۽ مسلمانن وڏي عاليشان مسجد لنڊن ۾ تعمير ڪرائي آهي.

هيءَ ڳالهه به خيال مبارڪ ۾ رکو ته جن عالمن سنڌ ۾ آخرظهر جي فتویٰ ڪئي آهي ان وقت انگريزن اجان سنڌ ۾ پير ئي ڪونه پاتو هو- ڪلهوڙن جو زمانو هو ۽ ياميرن ٽالپرن مسلمانن جي بادشاهي هئي.

علامه شامي صاحب ردالمحتار ته رگو شام جي ملڪ ۾ ترڪ سلاطين عثمانيه جو عهد هو تنهن به پنهنجي ڪتاب ردالمحتار ۾ آخرظهر جو ثبوت ڪيو آهي سو ڇو؟ سو هن ڪري ته دارالاسلام کان سواءِ ٻيا به شرائط جمعه جا آهن جي سڀ هن زماني ۾ موجود نه آهن.

ٻيو معترض جو هي چوڻ ته اوهين جمعه کي فرض ڪري
نٿا سمجهو جي فرض ڪري سمجهو ٿا ته هڪڙي وقت ۾ ٻه فرض ڳڻ
چو ٿا ڪريو. سو هي اعتراض به اسان تي ناحق غير واجبي الزام آهي
جو ته اسين جمعه جي نماز فرض ڪري نيتيون ٿا ۽ فرض ڪري سمجهون
ٿا اهڙو قطعي فرض جي بعضي شرطن نه هوندي به اسين جمعه جي
نماز نٿا ڇڏيون ۽ مجتهدن جي قول تي نص جي مقابله ۾ عمل
نٿا ڪريون ۽ ٻه فرض به هڪڙي وقت ۾ ڳڻ نٿا ڪريون - جو ته
جتي شرائط جمعه جا موجود آهن مثلاً مڪه، مدينه ۾ اُتي
اسين آخر ظهر نٿا پڙهون ڪمامرّ ۽ جتي جمعه جي نماز بالڪل
پڙهي نٿي سگهجي مثلاً ريل گاڏي ۾ يا منفرد شخص صحرا ۾ ته اُتي
فقط ظهر وقتي ٿا پڙهون ان سان ٻيو ڪٿتون جمعه جون نه ٿا
پڙهون فَاَيْنَ الْجَمْعُ بَيْنَهُمَا - هي جو اسين سنڌ ۾ آخر ظهر پڙهون ٿا
سو جمع بين الفرضين نه آهي جمع بين البدل والمبدل منه آهي
جئين پاڻي مشڪوڪ سان وضو به ڪبو تيمّم به ڪبو

مسئله حدود شرعيه

هڪڙي دفعي آئون ننڍه محمد خان ڪان حيدرآباد ڏي
ريل جي رستي ڏيجي رهيو هوس، سيڪنڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ هئي
آئون چڙهي جڏ اپهنجي بينچ تي ويهي رهيس - سامهون ٻن پنجن
تي چار پاسنجر اڳي ويٺل هوا، ٻه هوا سنڌ ي هڪڙي بينچ تي، ٻي
بينچ تي مهاجر هندي، پاڻ ۾ اڳي هنن جو بحث گرما گرم هلي رهيو هو
ته سنڌ ملڪ ۾ چور ڪيون ۽ ڪاٽ ڪينڱ بند ٿين ۽ پوليس وارا

هينئن ٽاچرن نہ ميندا ۽ هينئن ٽاچون" اُهي ماڻهو منهنجا غير واقف هوا، انهنجي بحث ۾ مونکي دخل ڪرڻ جو ضرور ڪونہ هو آئون مان ڪري ٻڌندو رهيس.

پنجاپين جو چوڻ هو تہ قانون اسلامي حدود شرعيہ هنن تي جاري ٿين تہ ڏوهہ بند ٿين، ۽ سنڌين جو چوڻ هو تہ اِهي حدود تمام سخت و حشيانہ آهن اِهي هن ملڪ ۾ هلي ڪونہ سگهندا اسين ماڻهو ٽوناءِ منڊ اٿي پوندا، تهن تي هن ٻي همراه سنڌس تائيد ڪندي چيو تہ نہ نہ شرعي حدود هٿ ڪپڻ پير ڪپڻ جاهن وقت تہ هلي ڪونہ سگهندا پر اڳئين مسلمانن بادشاهن جي وقت ۾ بہ ان تي عمل درآمد ڪونہ ٿيو آهي هاڻي ڪيئن ٿيندو.

جڏهن هنن قانون اسلامي تي نڪتہ چيني ڪئي تڏهن مونکي جواب ڏيڻ ضروري ٿيو- مون چيو تہ اڳوڻن مسلمانن انجي تعميل نہ ڪئي آهي، اها ڳالهہ غلط آهي- اڳوڻن بادشاهن خلفاء راشدين ۽ خلفاء بني عباس جي وقت ۾ برابر حدود شرعيہ جاري هوا انهن ڪيتري تدر حدود شرعيہ قائم ڪيا هوا تهنجا مثال تاريخ جي صفحات تي موجود آهن پر آئون اوهانکي فقط نہ مانذ حال جو ننده مثال ۽ چشمديد شاهدي پيش ڪريان ٿو.

عربستان ۾ وچي ڏسو اڄ ڪلهہ سعودي حڪومت ۾ جيڪو امن امان آهي سو دنيا جي ٻئي ڪهن ملڪ ۾ نہ آهي، اسان پاڻ ڏٺو آهي تہ صرافن جي دڪان تي هر قسم نوٽن جا دستا ۽ سون چاندي جا سڪا ملڪن ملڪن جا جي پاڻ سان آڻين ٿا پوءِ عربستان سعودي

سکرسان بند لائن تا هزارن هزارن جي مال مان خوبچايل يو وينا آهن، نه چوري آهي نه ترف کُنجي - مالڪ دڪان جو جڏهن گهر ويندو آهي يا حرم شريف ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويندو آهي ته فقط سنهو ڪپڙو ململ جوانجي مٿان وجهي ويندو آهي يا دڪان تي ٻه اڇو ڪپڙو تنگي ڇڏي ويندو آهي يا ٻي غم تي ويندو آهي. انهيءَ سڳي بازار ۾ هزارين حاجي اچن وڃن ٿا مجال آهي جو ڪو حاجي يا بدوي ان ڏانهن اک به کڻي نهاري ۽ پهنجي ملڪ پاڪستان جو هي حال آهي جو ڪراچي جهڙي پايه تخت شهر ۾ مسجد ۾ ڪو نماز پڙهڻ ويندو آهي ته ڏري تي بورڊ لڳايا آهن. "نماز يو جُتيون پهنجيون سنڀالي پاڻ وٽ رکو ته چور اچي نه وڃن". نماز پڙهي ايندو ته ڪِهنجو نئون بوٽ ڪونه آهي، ڪنهنجا سليپر چوراڻي ويا آهن -

اِها برڪت ڇا جي آهي؟ اِها برڪت قانون اسلامي جي آهي جو حڪومت سعودي ابتدا ۾ قانون شريعت جو جاري ڪيو حج جي موقعه تي جهن تي قتل ڪرڻ جي فتوىٰ يا هٿ پير ڪپڻ جي فتوىٰ قاضي ڪئي هجي تهنکي سربازار هزارن ماڻهن جي روبرو يا قتل ڪندا هوا يا هٿ پير ڪپيندا هوا ته چوري جي پاڙ پٽجي وئي - اها سزا ٻه ٽي سالن ۾ ڪئي وئي هاڻي ته بس نه ڪا چوري ٿئي ٿي نه ڪا سزا ڏجي ٿي، بس ڪُٽي ڪَٽَ وَڏايا - اسان ته هيترن لکن ماڻهن ۾ ڪو هٿ وڍيل ۽ پير ڪَپِيلُ ماڻهو ڪونه ڏٺو

بيو جيڪو اوهان چيو، هي وحشيانه بيرحمي جي سزا آهي، آئون پڇان ٿو ته روز اند اسپتالن ۾ ڪيترن ماڻهن جا اپريشن ڪري هٿ پير ڪپي اڇلائين ٿا ته ڏهن اپريشن ڪرڻ کان ڊاڪٽرن کي سخت منع ڪجي

ڏيک قلم بند ڪجي. آءُ هين چونس اته هي ضرورت جي واسطي آهي جو هنجي اپريشن ڪرڻ سان هن جي ڄاڃي پوندي، هنجي جان جي بچاءِ لاءِ هي ڪم ڪجي ٿو. بالڪل نيڪ آهي اوهانجو چوڻ. آئون به چوان ٿو ته جو رجي هٿ پيرڪپڻ سان هزارن جي جان جو بچاءِ ٿئي ٿو ته چونه ڪپجي، جڏهن هڪڙي جان جي بچاءِ لاءِ اپريشن ڪرڻ اوهين دُرست ۽ ضروري ٿا سمجهو ته جو هزارن جي بچاءِ لاءِ اهو ڪم ڪرڻ دُرست ۽ ضروري نٿا سمجهو.

جهان سوز را ڪشته بهتر چراغ   يڪي به در آتش ڪه خلقي بداغ

مطلب ته بالڪل لاجواب ٿيا ۽ مجڻ ڪان سواءِ بيو چارو ڪوئي ڪونه مليو.

اسلام ۾ پاڪائي ۽ صفائي جو مڪمل انتظام

ٻي دفعه ريل گاڏي ۾ اسانجي دوست شيخ عبدالغني سان بحث ومباحثو ٿيو. شيخ عبدالغني هڪ نومسلم شيخ حيدرآباد جي عاملن مان تعليم يافته نوجوان هو. ڊاڪٽري جا ڏاڍا امتحان پاس ڪيل هوس. پاڻ ته پورو مسلمان هو مگر اڃان ظاهر ڪونه ٿيو هو جو عيال واطفال سندس اڃان هندن جي قبضه ۾ هوا سندس خيال هو ته زال کي ۽ اطفال کي به مسلمان ڪري پوءِ هندن سان قطع تعلقات ڪريان اهو انگريزن جو زمانو هو مون ڪيس جلد ظاهر ٿيڻ لاءِ نصيحت ڪئي ۽ دوران گفتگو ۾ چيو ته اسلام ۾ جيڪي خوبيون آهن سي ڪنهن به مذهب ۾ ڪونه آهن، خصوصًا حُسن معاشرت جو عيال واطفال، عزيزن ۽ قريبن سان، عام پاڙيسرن سان ته بجاءِ ڪمال

آهي - اوهان ڏاڪٽرن جو ته صفائي رکڻ تي تمام زور آهي اچو ته اسلام جي ظاهري و باطني صفائي جو مواز نه انگريزن ۽ ڏاڪٽرن جي صفائي سان ڪريون ٿا.

اوهانکي خبر آهي ته پنج وقتي نماز جي پاڪيزگي لاءِ اسلام ڪيترو تاڪيد آهي ڪو به ناپاڪائي يا پليدي جو داغ بدن کي يا ڪپڙي ۾ لڳل هوندو ته نماز درست نه ٿيندي، غسل جنابت جو زالن ۽ مردن تي فرض آهي ان کان سواءِ جمعه جي ڏينهن ۽ عيدن تي ته غسل ڪرڻ سنّت مؤڪده آهي، غسل ڪرڻ ۾ پاڻي پاڪ غير مستعمل استعمال ڪرڻ فرض آهي- انگريزن جي غسل ڪرڻ لاءِ هڪڙو وڏو ٽب ڪشتي نما ٿيندو آهي انکي پاڻي سان ڀري ان ۾ وهنجندا آهن نه بدن پاڪ نه استنجا ڪيل ته پاڻي سڀ مُردار ٿيو ۽ جسم ۽ لباس به ان سان ناپاڪ ٿيو قبل از غسل نه نجاست ٿوري لڳل هئي هاڻي ته پکڙجي سڄو بدن سرتا پا پليت ٿيو ۽ ڪپڙا به پليت ٿيا- اسان وٽ کوه ۾ هڪڙو قطرو پليتي جو پيو ته سڄو کوهه پليت ٿيو ان سان نه وضو ڪرڻ جائز آهي نه غسل ڪرڻ پر پليتي جسم کي نه لڳل هجي استنجا به ڪري اچي ٽب هڪڙي جو مستعمل پاڻي سان ٻيو ڪو غسل يا وضو ڪري نٿو سگهي - هي آهي فرق اسلامي پاڪائي جو ۽ يورپين جي پاڪائي جو- وري هر هڪ وضو يا غسل سان ڏندڻ ڪرڻ سنّت مؤڪده آهي - مسلمانن وٽ ڏندڻ ڪرڻ ڪٻر جي پاڙ سان يا ڪنهن وڻ جي ڪاٺي سان مثلاً نم جي ڪاٺي يا ٻير جي ڪاٺي سان ٿيندو آهي جو ڏندن کي به صفا ڪري ۽ ماٺين کي به طاقت ڏئي بدبوئي وات جي به دفع ڪري- نه ولايتي برش سان جنهن ۾ ڪا به خوبي

ڪانہ آهي اهو آهي فرق اسلامي صفائي جو ۽ يورپ جي صفائي جو
هنن وٽ تہ ڪتو ٻلو بہ پاڪ آهي ڪتي جو جو ٺوڪيل پاڻي سا
وهنجڻ بہ درست آهي - انسان جي هٿن ۾ بيماري جا جيوڙا آهن
هٿ سان ماني بہ نہ کائي چمچن سان ماني کائي باقي ڪتي ٻلي جوا وبار پل
ٻلي کائي -

هڪڙي معتبر شخص مون سان ڳالهہ ڪئي تہ تلهار ۾ ميٺو ٻگند
هو تهن تي حلوائي هندو ان مٺائي ناهڻ وارن جا گهڻا ان دڪان نهند ا
هوا - رات جو دڪان بند ڪندا هوا تہ ديگڙا ۽ ڪڙايون "مٺائي ناهڻ
جا برتن" ٻاهر رکي ويند اهوا. سڄي رات ڪتا چٽيند اهوا هڪڙو هندو
مهنجو واقف هو تهنکي مون چيو ائينن ڇو ٿا ڪريو ڪم از ڪم ديگڙا
تہ اوندا ڪري وجو ڪتا تہ نہ چٽن - چيائين ، اسين ڄاڻي واڻي ڪتن
کان چٽايون ٿا - مزورن کان ڌوئايون ٿا تہ اهڙا اصفا نٿا ڪن
پيسا بہ اسا ڄا خرچ ٿين ، ڪتا زبان سان اهڙا اصفا ڪري ٿا جن
جهڙا ڪي ڪيل

پئي صفائي ڪپڙن جي ، بدن جي ، جاءِ جي ، وارن جي ، تهن لاءِ
شريعت ۾ کيترا تاڪيدي احڪام آهن .

هتي هي بہ ظاهر ڪرڻ گهرا ان ٿو تہ رسول الله صلى الله تعالیٰ
جو حڪم اهڙو بي اثر ۽ بي هنر ڪونہ هو جهڙو صدر ايوب خان جو يا
آغا يحيٰ خان جو ما ٺهو هنن جون نشري تقريرون ۽ هدايتون بتي
ظاهرا اخير مقدم ڪن ، مرحبا صد مرحبا چون ۽ عمل هنن تي ڪوئي نڪري
رسول الله صلى الله تعالیٰ عليہ وسلم جو حڪم اصحابي ٻڌي

سرِ هوان کان ٿجهاوڻ نه ڪندا هوا ۽ دل وجان سان فورا تعميل ڪندا هوا
جئين هڪڙي حديث ۾ نقل آيو آهي ته هڪڙو اصحابي مسجد جي چائنٺ
تي وينو هو هڪڙو پير اندر بيو پير ٻاهر هڪڙي سنگتي ٻچيس ته هتي
ائين ڇو وينو آهين، چيائين نماز پڙهي ٻاهر تي نڪتس ته رسول الله
صلی الله تعالیٰ علیه وسلم جو آواز ٻڌم. مسلمانو:- اتي ويهي رهو ۽ منهنجي
تقرير ٻڌو ان آواز ٻڌڻ سان يڪدم اتي جو اتي ويهي رهيس
ٻيو قدم ٻاهر نه ڪنيم. اِها هئي اطاعت رسول جي اِهو هوا يمان اصحابن
جو سه ببين تفاوتِ ره از ڪجاست تا بڪجا-

مسئلو شڪار جو

جاندارن تي رحم ڪرڻ

رئيس غلام مصطفیٰ خان جي ڳوٺ نئوجتوئي تعلقه مورو ۾
ويٺا هوا سين. هڪڙا ٢ ڄڻا اسڪولي ماستر آيا- ان وقت مجلس ۾ منيجر
بوبڪ واري ڍنڍ جي شڪار بند ڪرڻ جو قصو هلي رهيو هو. حڪومت
پاڪستان اياءِ وزارت پير علي محمد شاه راشدي ۾ بند ش وڌي هئي
۽ مجلس ۾ آزادي سان بحث ٿي رهيو هو هڪڙن چيو ته اهو مير عجرن
تي ظلم ٿيو جو هنن جي وجهه معاش تي بندش وڌي آهي، هزارين
ماڻهون بارن ٻچن سان دربدر ٿيندا ۽ ته هنن جو بيو ڌنڌو ڪونه
آهي، هنن جو گذران مڇي ۽ پکين جي شڪار تي آهي. ٻين چيو ته چڱو
ٿيو اِهو پکين تي ظلم آهي هو ويچارا پري پري ملڪن مان مسافر اچي
سنڌ ۾ سيارو گذاري موتي پهنجي وطن وڃن ٿا-
تهن تي هڪ ماستر چيو اها جانورن تي رحمدلي پاڪستان

